مشتاق احمد گبول

# جديد سنڌي غزل ۾ شهري ماحول ۽ جديد تمدني عڪس

## The portrayal of urban life in the modern Sindhi Ghazal Poetry

**Abstract**

The portrayal of rural life and peasant society remains present in modern Ghazal poetry, but it also reflects the influences of urban life and culture. Modern Ghazal effectively captures feelings of loneliness, isolation, and solitude amidst the hustle and bustle of urban living, which are characteristic of modern city life. It explores the identity of individuals who often feel lost in the mechanical and noisy environment of urban settings. Urban life has engendered strong sensations of strangeness and alienation, and this research paper aims to investigate how modern Ghazal poetry in the Sindhi language embodies these feelings of alienation stemming from urban life experiences. The paper examines the reflections of the urban cultural environment found in Ghazal poetry, resulting from a close relationship with urban lifestyles. The new wave of modernity in literature has influenced the Ghazal genre to engage with urban life and its environment. Consequently, various aspects of urban existence—such as noise, crowds, strangeness, and disruptions in relationships—are depicted in modern Sindhi Ghazal poetry. Additionally, while Hindi Ghazal often explores deep ideas and creativity and reflects corporate culture, the urban life and environment depicted in Sindhi Ghazal take on a distinct character. This research paper seeks to explore these nuances in greater detail.

**Keywords**: Ghazal poetry, Sindhi language, portrayal, urban life and culture

جديد غزل ۾ ٻهوناٽي زندگيءَ ۽ زرعي سماج جا عڪس ملن ٿا، پر انهيءَ ۾ ڪنهن قدر شهري زندگيءَ ۽ جديد تمدن جا اولڙا پڻ موجود آهن. غزل جي ابتدا ۾ شهر جو ذڪر گوڙ شور ۽ مصروفيت تائين محدود هو. جديد غزل اُن کي وسعت بخشي آهي. ان ۾ ڪن ڪن شاعرن وٽ مڪمل طور تي شهري ماحول ۽ فضا موجود آهي. جديد غزل ۾ شهر جو دئيتي روپ ظاهر ٿيو آهي، جيڪو فرد کي سندس سڃاڻپ سميت ڳهي وڃي ٿو.

جديد غزل پيڙ ۾ اڪيلائيءَ ۽ ويڳاڻپ جي احساس کي شدت سان اُڀاريو آهي ۽ فرد جي سڃاڻپ جي بحران ڏانهن مُڙيو آهي. جيڪا شهري ۽ مشيني شور ۾ وڃائجي وئي آهي. ويڳاڻپ ۽ ڏاريائپ جو احساس شهري زندگيءَ ۾ شدت سان اُڀري ٿو. جديد غزل ۾ اُن احساس جا عڪس آهن:

”رومان سان گڏوگڏ شهريت جي اثر هيٺ اظهار ۾ گُهٽ ٻوسٽ، سرد رشتن جون ڏيٺون ملن ٿيون. غير سلامتي، سياسي سوارٿ ۽ پاڻ کان بيگانيت بہ موزون اظهار سان سامهون اڀرن ٿا.“ (1)

شهري ۽ ٻوناٽي زندگيءَ جي لحاظ کان ڏسجي تہ جديد غزل ۾ ڪٿي شهري زندگيءَ کان بيزاري ڏيکاريل آهي. ۽ ٻوناٽي زندگيءَ کي اُن تي فوقيت ڏني وئي آهي. خاص ڪري هند جي جديد غزل ۾ شهري زندگيءَ جي قبوليت ملي ٿي.

هند ۾ شهري ماحول سڀ کان پهرين نارائڻ شيام وٽ ملي ٿو. شيام کان پوءِ شهري ماحول کي ايم ڪمل هڪ تحريڪ طور اڀاريو ۽ هن جي غزل ۾ مڪمل شهري ماحول ۽ فضا موجود آهي. تنهن ڪري ايم ڪمل جي غزل جي سُڃاڻپ ئي شهر ۽ شهر جا الميا ۽ مسئلا آهن.

سنڌ ۾ شهري زندگيءَ جا پيانڪ روپ سڀ کان چٽي نموني امداد حسينيءَ ۽ واجد جي غزل ۾ ملن ٿا. امداد جو غزل مڪمل شهري غزل ناهي، جيئن ايم ڪمل جو غزل آهي. امداد وٽ شهري زندگيءَ جي قبوليت نٿي ملي، جيئن ايم ڪمل جي غزل ۾ ملي ٿي. امداد شهري زندگي کي قبولڻ بدران ٻوناٽي زندگيءَ کي اهميت ڏني آهي. انهيءَ پيٽ کان ڏسجي تہ سنڌ ۽ هند جي جديد غزل ۾ بہ مختلف ڌارائون ملن ٿيون ۽ هر ڌارا جي پنهنجي پنهنجي اهميت آهي.

جديد غزل ۾ شهري فضا، شهري زندگي گذارڻ جي تجربي جي ڪري ملي ٿي. ادب ۾ جيڪا جديديت جي لهر آئي، تنهن جي اثر هيٺ جديد غزل، شهري فضا سان پنهنجو ناتو جوڙيو ۽ شهري ماحول جا مختلف رُخ جديد غزل ۾ پيش ٿيڻ لڳا. شور، مصروفيت، ڏاريائپ ۽ لاتعلقيءَ کان وٺي شهري زندگيءَ ۾ جيڪو وهي واپري ٿو اُن جا عڪس جديد غزل ۾ جاٽتا ٿيا.

جديد غزل ۾ شهريت واري عنصر کي پيدا ڪرڻ جو اهم حوالو نارائڻ شيام آهي. شيام جي غزل ۾ شور ۽ شهري ماحول سان لاڳاپيل ڪڙيون حقيقتون ملن ٿيون.

”شور جو دريا وهيو پي شهر ۾،
دانهن دل جي پيئي ڪنهن ڪُنَ ۾ وهي!“ (2)

”ڪمڙو شهر هي، ناهه جتي ڪا جاءِ نہ ڪي رهندڙ آهن،
هلچل ۾ پر هيڏي هوڏي آهن، پاڇا ئي پاڇا!“ (3)

شيام غزل ۾ شهر جي روز جي معمول ۽ ڪمن ڪارين کي پنهنجو موضوع بڻايو. شيام وٽ شور روايتي انداز ۾ آيو آهي، پر شيام کان پوءِ جديد غزل ۾ شور غير روايتي ۽ الڳ انفراديت سان آيو آهي، جنهن ۾ جسم ئي گوڙ جو شهر بڻجي پيو آهي.

”شهر جو گوڙ رڳن ۾ ٿو ڊُڪي،
گوڙ جو شهر ٿي ويو جسم سڄو!“ (4)

مصروفيت، شهري زندگيءَ جو اهم لقاءُ آهي. مصروفيت نہ رڳو هڪ فرد کي ٻئي فرد کان ڇني دور ڪري ٿي، پر فرد جو پنهنجي پاڻ سان، ۽ پنهنجي داخلي دنيا سان رابطو ختم ڪري ٿو. جديد غزل شهري زندگيءَ جي انهيءَ حقيقت کي اظهاريو آهي:

”زندگيءَ جي پيهہ ۾ ٽٽندو رهيو،
پاڻ سان ئي پنهنجو هرڪو واسطو.“ (5)

هند ۾ جديد غزل شهري زندگيءَ جي مثبت توڙي منفي ٻنهي پهلوئن جي عڪاسي ڪئي آهي. شهري ماحول ۽ فضا جي حوالي سان سنڌ ۽ هند جي سنڌي غزل ۾ ڪي قدر هڪجهڙايون آهن. شهري زندگيءَ ۾ خوف جو ماحول هر وقت قائم رهي ٿو. خوف جي احساس کي هند ۽ سنڌ جي شاعرن پنهنجي پنهنجي نموني سان بيان ڪيو آهي.

”ڏينهن جو وچ شهر ۾ ٿي ڦُر ٿئي،
۽ تون گهگهہ ۾ ٿو سُڃو رستو وڃين.“ (6)

”رات، هوا، گمنام شهر جون گليون خوف پريون،
دل پنهنجي ئي ’ڌڪ ڌڪ ڌڪ‘ کان ڏرندي رهندي آ.“ (7)

هند ۾ غزل شهري ماحول کي بهتر نموني سمايو آهي. ان ڪري هند جي جديد غزل ۾ شهر جا پانت پانت ڏيک، رنگ ۽ روپ موجود آهن. هند جي جديد سنڌي غزل شين ۽ منظرن ڏانهن رويي ۾ شهري آهي. هند جي غزل جو مزاج ۽ تنهن ۾ سمايل احساس، جذبا ۽ سوچ پڻ شهري آهي. شهري ماحول ۽ هند ۾ جديد غزل کي الڳ ۽ غير روايتي بڻائي، تنهن کي نئين سوچ ۽ نئين خيال سان سلهاڙيو آهي. اهو ئي سبب آهي، جو انهيءَ ۾ نئين دؤر، شهري ۽ مشيني زندگيءَ جا نوان احساس شديد نموني اُڀري آيا آهن.

جديد غزل ۾ شهري ۽ مشيني زندگيءَ جي لاچاري ۽ بيوسي آهي. انهيءَ ۾ شهر جي مصنوعيت ۽ ڪوڪلائپ تان پردو کنيو ويو آهي. پيار محبت ۽ همدردي جهڙن احساسن کان آجي شهري سماج ۽ خوف ۾ ورتل انسانن تي غزل ڇٽر واري انداز ۾ چوٽ ڪئي آهي.

طنزيہ انداز ۾ غزل هڪ سگهاري آواز وانگر آهي، جنهن جي ذريعي شاعرن پنهنجي اندر جي ڪاوڙ ۽ ڪروڌ جو اظهار ڪيو آهي.

هند جي غزل ۾ شهري ماحول جي منظرڪشيءَ دلڪش ۽ خوبصورت انداز ۾ ڪئي وئي آهي. جنهن مان هند جي جديد غزل گو شاعرن جو شهري ماحول ۽ فضا سان جذباتي ۽ ذهني رشتو هئڻ جو تاثر ملي ٿو.

هند جي غزل ۾ سوچ جي گهرائي آهي، ۽ اُن ۾ تخليقيت سرس آهي. ان ۾ نئين ڪارپوريٽ ڪلچر جا مختلف ڏيک آهن. رشتن ۾ محبت لاءِ رواجي ثقافتي چڪ موجود ناهي، پر تنهن ۾ رشتن، قدرن ۽ محبتن جي جي وکر بڻجڻ جا عڪس نمايان آهن. انهيءَ ۾ فرد جي مايوسي، ويڳاڻپ ۽ اوپرائپ جي عنصرن سان گڏ هڪڙي قسم لُچ پُچ واري ڪيفيت آهي. انهيءَ ۾ مادي قدرن جي اهميت، فطرت کان دوري ۽ فرد جي سڃاڻپ وڃائڻ جا احساس سمايل آهن. انهيءَ ڪري هند جي نئين غزل ۾ نئين ڪارپوريٽ ڪلچر ۽ماديت پرستي ڇانيل ڏسجي ٿي.

سنڌ ۾ شهري ماحول ۽ فضا جي حوالي سان غزل جي صورت ٻي آهي. سنڌ جي غزل ۾ شهر جي سفاڪيءَ وارو روپ ڏيکاري ڏئي ٿو. سنڌ جي غزلَ، شهر کي هنڌ جي غزل وانگي ناهي پنهنجايو. سنڌ جي غزل ۾ شهر لاءِ پنهنجائپ بدران اوپرائپ آهي. ان جو هڪڙو سبب ڳوٺن سان جُڙيل رهڻ سبب، ڳوٺن سان دلي، جذباتي وابستگي ۽ ناسٽلجيا آهي. ڳوٺن سان جُڙيل رهڻ ۽ ناسٽلجيا ۾ ورتل شاعر، شهر جو تعارف اهڙي نموني ڪري ٿو جو اُن مان اوپرائپ محسوس ٿئي ٿي. ۽ ان جو سفاڪي، چالاڪي ۽ نقلي پڻي وارو روپ سامهون اچي ٿو.

”اي ڳوناٽا اهو ئي شهر آهي،
رڳن ۾ رت بدران زهر آهي.

حياتي آهہ پاٽيءَ کان بہ سهنگي،
هتي نازل ٽيل کو قهر آهي.

سڙي سيني ۾ دانگي ٿي وئي دل،
هتي هر ڪو بشر بي مهر آهي.

ڏکا بس جا جهلي، هُن جو پُڃائي،
وڃون گهر تي تہ چوندا ٻهر آهي.

هتي ميڪپ پُنيان چهرو لڪل آ،
۽ ڳالهاڻ منو ڪو زهر آهي.“ (8)

سنڌ جي غزل ۾ شهر جو تعارف انهيءَ طرح آهي. حقيقي طرح ڏٺو وڃي تہ شهر جو اهو تعارف اڻپورو ۽ يڪ رُخو آهي، جيڪو منفي پهلوئن تي آڌاريل آهي. شهر ۾ شهري ماڻهن سان اهڙيءَ ڪاوڙ ۽ ڪروڌ جا ڪارڻ ڪيئي ٿي سگهن ٿا. مٿئين غزل ۾ جيڪي عڪس آهن، سي ڪڙيون حقيقتون آهن. انهن حقيقتن ڪان اکيون چورائي نٿيون سگهجن، پر غزل جو انداز ڌڪار، اوپرائپ ۽ ڪاوڙ ۽ ڪروڌ وارو آهي. جنهن مان اهو احساس اُڀري ٿو تہ شهر اهڙي سفاڪ جاءِ آهي، جيڪا ڳوناٽي جي مزاج وٽان نہ آهي. جيتوڻيڪ شهر، ڳوناڻن جي مزاج وٽان ناهن هوندا، پر انهيءَ بنياد تي انهن کي ڌڪاري بہ نٿو ڪري سگهجي. سنڌ جي جديد غزل ۾ جيڪو شهري ماحول ۽ فضا آهي، تنهن ۾ شهر جو ڀيچاريندڙ روپ اُڀري سامهون اچي ٿو:

”آءٌ اڪيلو گوتم،
وحشي سجو شهر آ.“ (9)

سنڌ جي غزل ۾ شهر جي عڪاسي ڪندي، ٻوليءَ جي تخليقي روپ کي اُڀاريو ويو آهي، ۽ لفظن جي اندر لِڪل معنيٰ جي اهميت نروار ڪئي وئي آهي.

”شهر لڳي ٿو قبرستان،
ٻلبن جي هِن جِهلمل ۾.“ (10)

شهر ۽ قبرستان صنعت تضاد وسيلي، شهري زندگيءَ ۾ ويڳاڻپ جي احساس اڀارڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

افواهہ ۽ ڪُوڙي خبر، شهر ۾ نئين فتني جو سبب ٿي سگهي ٿي. سنڌ جي جديد غزل ۾ شهر جي انهيءَ پهلوءَ کي نهايت ئي خوبصورتيءَ سان بيان ڪيو ويو آهي.

”هُو مٿو ڦاڙي سگهي ٿو شهر جو
ها، وٽس اخبار جو پٽر هُيو.“ (11)

”باهہ جي شعلي جيان اُٿندي هئي،
شهر ۾ فتني جيان هوندي هئي.“ (12)

سنڌ جي جديد غزل ۾ مُنير احمد ٻبر وٽ شهري ماحول ۽ فضا جو عڪس نِج رومانوي انداز ۾ هِن طرح بہ آيو آهي:

”ديواني جو ساٿ ڏنو
شهر جي ڪُتن ۽ رستن.“ (13)

سنڌ جي جديد غزل ۾ شهري فضا مڪمل صورت ۾ نٿي ملي. ان جو شايد ڪارڻ اهو آهي، جو سنڌ اڃا تائين مڪمل طور تي شهري زندگيءَ کي پنهنجائي ناهي سگهي،

پوءِ بہ سنڌ جي جديد غزل ۾ شهري حالتن جو جبر موجود آهي. هند جي نئين غزل وانگر، سنڌ جو جديد غزلُ شهري زندگيءَ جي دئيتي روپ کي پوريءَ طرح اگهاڙي ناهي سگهيو پوءِ بہ تنهن جي جبر ۽ عذاب جا احساس انهيءَ ۾ محسوس ڪري سگهجن ٿا.

جديد غزل ۾ شهري زندگيءَ جي قبوليت جو عنصر ٻن صورتن ۾ ملي ٿو. هڪ صورت قبوليت جي سڌي اظهار واري آهي، ۽ ٻيءَ صورت ۾ شهري زندگيءَ جي روزمره جي ڪمن ۽ ڪرتن کي بيان ڪرڻ وسيلي اڻ سِڌي طرح قبوليت جو اظهار ملي ٿو.

شهري زندگيءَ جي قبوليت جو سنئون سڌو اظهار هند جي نئين غزل ۾ ملي ٿو جڏهن تہ اڻ سڌي طرح قبوليت جو اظهار سنڌ جي جديد غزل ۾ ملي ٿو.

هند جي غزل، شهر کي اُنهيءَ جي سمورين بدزيبائن، بدصورتين، ڪوجهاين، خامين ۽ بُراين سميت قبول ڪيو آهي. هند جي غزل ۾ شهر جي قبوليت کان انڪار جو عنصر نٿو ملي. شهري زندگيءَ جي قبوليت جي ڏارا ايم ڪمل وٽ سرس ملي ٿي. هند جي غزل کي شهر سان ۽ شهري زندگيءَ سان لڳاءُ آهي. هند جو غزل گوڙ، گهُٽ، گند ۽ اڪيلائيءَ ۾ رهڻ تي هِرڻ سيڪاري ٿو.

"گوڙ، گهُٽ، گند تي هِرو جلدي،
دوستو شهر جا ٿيو جلدي." (14)

غزل، شهر جي گوڙ گهٽ ۽ گندگي ڏسي شهري زندگيءَ کان بيزاريءَ جو اعلان نہ ٿو ڪري. اهو شهري زندگيءَ جي ماحول کي جيئڻ جو تيئڻ قبولڻ تي زور ڏئي ٿو. اهو شاعراڻي اظهار لاءِ ڪنهن بہ لفظ کي ناموزون ۽ معيوب نہ ٿو سمجهي. انهيءَ جي ڪري گند گٽر جهڙا غير شاعراڻا لفظ بہ غزل ۾ ڪتب آندا ويا آهن، ڇو تہ گند گٽر شهري زندگيءَ جو حصو آهن. بارش کي غزل ۾ هميشہ جمالياتي رنگ ۾ رنگي پيار ۽ محبت جي نفيس جذبن ۽ احساسن ذريعي اظهاريو ويو آهي، پر شهري زندگيءَ ۾ بارش وسڻ کان پوءِ جيڪي حالتون درپيش اچن ٿيون، جديد غزل انهن حالتن جي عڪاسي ڪندي جماليات کان ڪنارو ڪيو آهي.

"بارش آئي ڇم ڇم نچندي،
گند گٽر جو اُٿليو ڇُپ ڇُپ." (15)

"ڏاڍو گند ۽ بانس آ قاتل گٽر جي هٽ مگر،
ڇا ڪجي گهر ڏي وڃڻ جو هڪ اهو ئي رستو." (16)

غزل ۾ جهڙي نموني شهري زندگيءَ جي قبوليت جو اظهار ايم ڪمل ڀرپور نموني ڪيو آهي، سندس غزل ۾ شهري زندگيءَ جي قبوليت جو عنصر سگهارو آهي، انهيءَ مان

سندس شهر سان دلي لڳاءُ ۽ جذباتي وابستگيءَ جو تاثر ملي ٿو. جديد غزل مخصوص شهري رويي جي عڪاسي ڪئي آهي، ۽ نئين دؤر جي شهري حسيت کي اظهاريو آهي.

جديد تمدني زندگيءَ ۾ رشتن ناتن، انساني قدرن ۽ انساني احساسن جي ڪا بہ قيمت ناهي رهي. معاشي مفاد ۽ دولت جي پنيان ڊڪ ڊوڙ ڪرڻ سان انسان پنهنجي اصل ۽ جَڙ يعني ڳوٺ کان بہ هميشہ جي لاءِ ڪٽجي وڃي ٿو. اهڙي صورتحال کي غزل تخليقي انداز ۾ بيان ڪيو آهي.

”ڳوٺ ويو ڪٽجي رشتن کان،
ريل جي رهي پٽڙي ميري.“ (17)

سنڌ جي غزل ۾ شهري زندگيءَ جي قبوليت جو سنڌو اظهار نٿو ملي. شهري زندگيءَ جا جيڪي عڪس ملن ٿا. انهن ۾ شهر سان مانوسيت ۽ پنهنجائپ نظر اچي ٿي، جيڪا پنهنجائپ شهري زندگيءَ جي قبوليت جو ڏس ڏئي ٿي. سنڌ جي غزل ۾ ڪي قدر شهري ترقيءَ جي ڪري دولت جي ڏيکاءُ ۽ وڏين وڏين عمارتن جي نهڻ سان انساني زندگيءَ متاثر ٿي آهي، يا ڪنهن غريب جو استحصال ٿيو آهي تہ اُن استحصال جا ڏيک موجود آهن. سنڌ جي جديد غزل ۾ ڪارن ۽ ماڻهن جي شور جي تصوير ڪڍي وئي آهي.

”ڪيترو شور آهي، ڪلفٽن ’اياز‘
جنهن گهڙي ڏس تہ ڪارون اچن ٿيون پيون.“ (18)

”هوا مون ڏي ڪيئن اچي،
پر ۾ سڀ بنگلا آهن.“ (19)

جديد تمدني زندگيءَ جا سوين رُخ ۽ مسئلا آهن .سنڌ جي جديد غزل ۾ صرف ڪجهہ رُخ بيان ڪيا ويا آهن .غزل گو شاعرن ۾ تاج بلوچ جديد تمدني زندگيءَ جون عقوبتون بيان ڪيون آهن:

”گهر جي خوشبوءَ بہ نہ موهيو هن کي،
موتيو گهر ڏانهن اويلو موٽيو.“(20)

”ٻار پڪنڪ تي وڃي ڪين سگهيا،
ڪير ڪرفيوءَ جو ٻهانو لکندو؟“ (21)

شهري زندگيءَ جي حالتن، مجبورين ۽ بيوسين کي سنڌ جي جديد غزل ۾ اظهاريو ويو آهي. جنهن ۾ صرف تمدني زندگيءَ جا ڏيک ناهن، پر اُن ۾ حادثا بہ

آهن، دانهون ۽ ڪُوڪون بہ آهن. ۽ روزمره جي شهري زندگيءَ جي عڪاسي خوبصورت نموني ڪئي وئي آهي.

”مڪان، ڪوليون ۽ لوڊشيڊنگ،
فضا، جهنم، جَلون، گهٽيءَ ۾.
فليٽ، لفٽون، هُڳاءُ، آٿم!
پلاسٽڪ، بوتلون، گهٽيءَ ۾.“ (22)

صبح ڏاري وئي ڳهي آفيس جن ڪي،
شام ڏاري واڪِ تان موٽي رهيا هئا.“ (23)

مٿئين شعر ۾ شهر جي روزمره جي زندگيءَ جو عڪس آهي. شهري زندگيءَ جا ٻہ رُخ پيش ڪيل آهن. ٻنهي رُخن کي ملائي شهري زندگيءَ سان موافقت پيدا ڪرڻ جو اثر جوڙيو آهي.

غزل شهري مجبورين، شهري روين ۽ شهري زندگيءَ جي الميے کي نئين زبان ۽ نئون بيان ڏنو آهي، جو تہ غزل نئين زندگيءَ سان دويدو آهي. ۽ موجوده دؤر جي نظام کي اُگهاڙو ڪري ٿو جيڪو هيٺي جو استحصال ڪري ٿو ۽ ڏاڍي کي تحفظ ڏئي ٿو.

”هي فٽ پاٿ تي ڪير آهي پيو،
جو ڪُڇي ئي نٿو هيءُ گونگو شهر.“ (24)

”شهر ۾ سانحو ڪيڏو ٿيو هو،
حياتي نيم سان گذري رهي هئي.“ (25)

”هر چوڪ تي اُڏاري، ملندي آ زندگي،
چڙهين سان ٿا نپائن، هي ٻار شهر جا!“ (26)

”روشني ڪا ڏي وئي هئي شهر جي،
رات ير اوندهہ ٻري هئي شهر جي.“ (27)

”اوندهہ جو ٻرڻ“ نئين دؤر ۽ نئين زندگيءَ جو نئون استمارو آهي، جيڪو نہ صرف شهري سماج جو احاطو ڪري ٿو پر جديديت پُڄاڻان صورتحال کي تخليقي انداز ۾ سمائي ٿو.

شهر ۾ رهڻ ۽ اُن کي قبولڻ پُٺيان جيڪا مجبوري هوندي آهي. سنڌ جي جديد غزل اُن مجبوريءَ کي پڻ اظهاريو آهي. مجبوري ئي سهي، شهري زندگيءَ جو عڪس اُن ۾ موجود آهي، ۽ ڳوٺ موٽڻ جي آس ختم ٿي چڪي آهي.

"شهر اسان مان رت ڪڍي ويو ڳوٺ نہ موٽياسين،
هاءِ نياڳي پئسي پُٺيان، ڪاٺي پهتاسين." (28)

"هڪڙي پاسي گوليون هن،
۽ ٻي پاسي پٿراءُ."(29)

"وقفو ڪرفيو ۾
گهٽيون جاڳن ٿيون." (30)

"شهر جي چونڪ تي انبوهہ هُيو،
۽ ڪي نعرا ها، باهہ جي وجهو."(31)

"بازار ۾ بازار جا ماپا ڪٽي ويهڻ" شهري زندگيءَ جي قبوليت جو سِڌو اظهار آهي.

"ڪجهہ لفظ، ڪجهہ تاندا ڪٽي بازار ۾ ويهي رهيو،
بازار جا ماپا ڪٽي بازار ۾ ويهي رهيو."(32)

شهري سماج ۾ "پاٽي" زندگي ۽ موت جو مسئلو آهي. پاٽيءَ جي کوٽ، شهري ماڻهوءَ کي ڪيتري قدر بيوس ۽ مجبور ٿي ڪري، ۽ جديد غزل، اُن بيوسيءَ ۽ مجبوريءَ کي پنهنجو موضوع بڻائي هڪ الميي وانگر پيش ڪيو آهي.

"روز پلا چَنُڊ ڪِئن مان وهنجان،
هفتي هفتي پاٽي اچي ٿو."(33)

جديد غزل پنهنجي دؤر جي زندگي، شهري سماج ۽ ان جي مسئلن، خوف ۽ خطري، دهشتگردي ۽ سماجي ۽ اخلاقي قدرن جي خاتمي کي پنهنجي اظهار جو ذريعو بڻايو آهي .جديد غزل، شهري سماج ۽ نئين زندگيءَ جي مُنجهارن، پيچيدگين ۽ نفسياتي اُلجهن ۽ شهر جي دک درد ۽ الميين ي نئين ماحول جي تقاضائن سان هم آهنگ بڻائي پيش ڪيو آهي .جديد غزل شهري مسئلن ۽ الميين کي اظهاريندي، فرد کي اهميت ڏني آهي. ان ۾ شهري سماج، صنعتي ۽ مشيني تهذيب جي انتهائي صورت "فرد جي مرڪزيت" جي روپ ۾ ظاهر ٿئي ٿي، جنهن ۾ شهري سماج، فرد دشمن طور سُڃاپجي ٿو.

”قهر آ شهر آ؟ يا رڳو زهر آ،
رُت جو پهر آ، چنڊ حيران آ.“[34]

”موت جڏهن کان ٿِيو آ شهر جو،
بي ڪفن ميت پيو آ شهر جو
خون ۽ دهشت جو ’ڊريڪولا‘ اچي،
خوف سارو پِي وِيو آ شهر جو.“[35]

غزل شهري زندگيءَ کان اڪيون چورائي، پنهنجي لاءِ ڪنهن جادوئي ۽ طلسمي ماحول کي پنهنجو ناهي ڪيو پر شهري زندگيءَ کي قبول ڪرڻ پنهنجي عهد جي اڪين سان اڪيون ملايون آهن. ۽ شهري زندگيءَ جي مختلف پهلوئن کي جيئن جو تيئن پيش ڪيو آهي.

هاڻوڪي غزل، اڳين غزل جي ڪيترين ئي روايتن کي ٽوڙي، شهري زندگيءَ کي نئين انداز سان ڏٺو آهي. ان ڪري ان ۾ گهڻو ڪجهه نئون آهي، ۽ اُن جي لهجي ۾ تازگي آهي. جديد صنعتي تهذيب ۽ شهري سماج ۾ شهر وارن جي وچ ۾ ڪو رشتو، تعلق ۽ پنهنجائپ بجاءِ چالاڪي، منافقت ۽ مفادن وارو هڪ اهڙو تعلق آهي، جنهن کي تعلق نٿا چئي سگهون. شهري مزاج ۽ رويا انسان کي پاڻ ۾ ڳنڍڻ ۽ جوڙڻ بجاءِ ٽوڙڻ ۽ وڇوڙن ٿا. ان ڪري شهر وارن ۾ ڌارائپ جو احساس شديد زور سان اُڀري ٿو جيڪو احساس شهري سماج جي فرد جي ذهني انتشار ۽ ذات جي پيڙا جي نمائندگي ڪري ٿو.

”مِنا، ڳالهه پٿر يا گُل جي نہ آ،
سِتم آ تہ ڪوئي سُڃاڻي نہ ٿو.“[36]

”ڪو بہ چهرو ڪين ٿو پنهنجو لڳي،
لفظ، لهجا ۽ اکيون سڀ اوپريون.“
ڏِسڻ ٿي مون کان پڇي مان ڪير هان،
ڳوٺ رستا ۽ ٻنيون سڀ اوپريون.[37]

شهر جي ماڻهن جي واسطن، لاڳاپن جي ڪيمسٽريءَ کي سمجهجي تہ اها خبر پوندي تہ پورو شهر هڪٻئي کي سُڃاڻيندي بہ هڪ ٻئي کان لاتعلق ۽ اجنبي بڻيل آهي. شهر جي ان مزاج ۽ سڀاءَ کي جديد غزل بيان ڪيو آهي، ۽ شهر وارن جي ڪوڙ مڪر ۽ فريب کان اسان کي آگاهہ ڪيو آهي.

جديد غزل ماڻهو جي وڃايل وجود ۾ گم ٿيل سُڃاڻپ کي تلاش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

جديد دؤر ۾ انسان جي سڃاڻپ ۾ انفراديت نئين سماج جي پيچ ٻڪ ۾ هل هنگامن ۾ گم ٿيندي پئي وڃي. جديد غزل انسان جي اصل سڃاڻپ ۾ اُن جي انفراديت جو متلاشي آهي.

"اُتي اڌ رات جو هٿ پاڻ کي لائي ڪيم پڪ پئي،
ڪٿي ڏينهن جو وساري پاڻ کي ہيو تہ مان ناهيان." (38)

"انيڪ آدمي رهن ٿا مُنفرد ۾ مختلف،
نہ شهر جون شناختون، نہ ڪو پتو نشان جو!" (39)

صنعتي ترقي، ماڻهوءَ کان اُن جي سڃاڻپ ۾ انفراديت ڪسي ورتي آهي.

"جنهن کي آيو جو، ويو لِڪندو مٿس،
هُو رهيو ساري عمر ديوارَ جيان." (40)

جديد غزل ۾ شهري قدر، بي حسي ۾ سڃاڻپ جي ڳولا جا عنصر موجود آهن.

"گم ڪٿي ٿي ويو اٿس چهرو،
آرسيءَ کان پتو پُڇي پيو ٿو." (41)

"ڪوئي بہ شخص سُڃاتو نہ پئي ويو ڪنهن کان،
سموري شهر جي چهرن کي رات ڇا ٿيو هو؟" (42)

شهر جي بي حسي ۾ ڪنهن بہ فرد جي شناخت ۾ سڃاڻپ کان انڪاري شهر جو عڪس هيٺين شعر ۾ پڻ ڏسي سگهجي ٿو.

"ان کي ڳُلها، ڀُناڙا، هٿ، پير ٿا ڪپن،
هي شهر آهي، ڪنهن جو چهرو پُڇي نٿو." (43)

نئين غزل ۾ تمدني عڪس مختلف شعرن ۾ پکڙيل ملن ٿا. جديد غزل، جديد دؤر ۾ جديد تمدني زندگيءَ سان گڏ هلڻ لڳو آهي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ تمدني زندگيءَ جي رفتار تيز آهي، ۽ نئون غزل سطحي پٽي کان پاڻ کي بچائيندي، نئين تخليقي دنيا ذريعي هوريان هوريان اڳتي وڌي رهيو آهي. نئين غزل جديد تمدني زندگيءَ جي مجبوريءَ ۾ بيوسيءَ جي شدت کي بيان ڪيو آهي. جنهن ۾ نوڪريءَ تي ويندڙ ماڻ ڏينهن جا ڏينهن پنهنجي ٻار سان نٿي ملي.

"گاڏي ليٽ آ اڄ پڻ بيبو
ممي ممي ڪري سمهي پيو آ." [44]

"شهري زندگيءَ جي اها انتها ئي ليکجي، جتي ٻار ڪم تي ويندڙ ماءُ کي ڏينهن جا ڏينهن نٿو ڏسي سگهي ۽ روز هو روئي روئي سمهي ٿو پوي، ايم ڪمل جوان مفهوم وارو شعر، شهري زندگيءَ جي دئيتي روپ کي پوريءَ طرح اُگهاڙي ٿو. شهر جو اهو ڪـ روپ اڳئين غزل ۾ ڪٿي بہ ظاهر ڪو نہ ٿيو آهي." [45]

ايم ڪمل جو اهو شعر جديديت جي توسيع ۽ جديديت پُڄاڻا صورتحال جي عڪاسي ڪري ٿو. هاڻوڪي وقت ۾ دنيا جنهن صورتحال مان گذري رهي آهي، غزل اُن صورتحال ۽ ذهني رويي کي اعتماد سان ۾ اظهاري رهيو آهي.

هند ۾ صنعتي ترقيءَ ۽ پيداوار جي ذريعن جي تبديليءَ جا اثر، هند جي سماج ۽ هند جي غزل تي پيا آهن. ان ڪري جديد تمدني زندگي، هند جي غزل گو شاعرن جي ذاتي تجربي جو هڪ حصو آهي. ايئن انساني ترقيءَ جي اوسر کي بيان ڪرڻ ۾ جديد غزل اڳيان ڪري ٿو آهي، شهري سماج ۽ جديد تمدني زندگيءَ کي ويجهڙائيءَ کان ڏسي، انفرادي تجربي جي بنياد تي تنهن جو سماجي ۽ نفسياتي ڇيد ڪيو آهي.

رشتن جي وچ ۾ آيل دوري ۽ ڏاريائپ جا عڪس، جديد غزل جي تبديليءَ جي علامت آهي. نوان خيال، نئون فڪر، نئون ذهني رويو، نوان مونجهارا ۽ مسئلا ۽ نيون پيڙائون جديد غزل جي سڃاڻپ آهن.

"ماڻهو اڳيان پويان پاڇا ٻوڙن ٿا،
نظرن ڏي هر روز تماشا ٻوڙن ٿا.
سچ، اُصول ۽ احساسن کي دفنائي،
رستن تي بس زندهہ لاشا ٻوڙن ٿا."
"ڪيئن ڪري سگهندا، منزل کي پنهنجو هُو؟
خيال اُهي جي چارئي پاسا ٻوڙن ٿا." [45]

جديديت پُڄاڻا دؤر ۾ پيار، محبت، وفا، دوستي ۽ خوني رشتا زوال جي ور چڙهي معاشي مفادن تائين محدود ٿي ويا آهن. جديد تمدني زندگيءَ جو اهڙو عڪس نئين غزل ۾ موجود آهي.

"ساڳئي ئي شهر ۾ رهي هاڻي ملون نٿا،
ڏينهن کان پنهنجو هڪ ٻئي ۾ ڪم پيو نہ هو." [47]

رشتن ۽ دوستين جي وچ ۾ معاشي مفاد اچي ويا آهن. غزل اهڙيءَ صورتحال جي سُهڻي عڪس بندي ڪئي آهي.

جديد تمدني زندگيءَ ۾ رشتن ناتن، انساني قدرن ۽ انساني احساسن جي اهميت گهٽجي آهي. معاشي مفاد ۽ دولت پنيان ڊڪ ڊوڙ ڪرڻ سان انسان پنهنجي فطري جَڙ يعني ڳوٺ کان بہ ڪٽجي ويجي ٿو. اهڙي صورتحال کي غزل تخليقي انداز ۾ بيان ڪيو آهي.

”ڳوٺ ويو ڪٽجي رشتن کان،
ريل جي رهي پٽڙي ميري،“ (48)

جديد غزل شهري زندگيءَ جي انتها ۽ رشتن ۽ قدرن جا عڪس، اهڙي پيڙيندڙ جذبي تحت سمايا آهن، جو پڙهندي ئي پيڙا جو احساس جاڳي پوي ٿو. اها پيڙا نہ صرف اڄ جي فرد جي پيڙا آهي، پر اها پيڙا پوري سماج ۽ اڄ جي دؤر جي پيڙا آهي .جنهن کان ڪنهن بہ صورت لنوائي نٿا سگهون.

”جدا هر پُٽ جو ڪمرو ڪمرو آهي،
امڙ جي ڪٽ رکڻ اوکو لڳي ٿو.“(49)

جديد غزل، جديد تمدني سماج کي مادي پرستيءَ جو غلام ڏيکاريو آهي. ٻي معنيٰ ۾ غزل موجوده دؤر جي انسانن کي اهو محسوس ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ هو پنهنجي اوائلي فطري اجهي کان ڪٽجي ويا آهن. نئين غزل جي شاعرن ڄاڻايو آهي تہ مادي پرستيءَ ۾ مبتلا انسانن کي موضوع بڻايو آهي. ۽ پنهنجو رشتو جديد تمدني سماج جي انهيءَ صورتحال سان جوڙيو آهي، جنهن ۾ روحاني، سماجي، تهذيبي ۽ اخلاقي قدرن جي ٽٽڻ کان پوءِ جنم وٺندڙ صورتحال هڪ نئين صورت سان آڏو اچي ٿي. جديد تمدني زندگيءَ ۾ انسان خود هڪ منڊيءَ جي شيءِ وانگر هوٽلن، بار ۽ ڊانس گهرن ۾ وڪري لاءِ دستياب ڪيو آهي. جسم فروشي جديد صعنتي ۽ مشيني زندگيءَ ۾ هڪ باقاعده صنعت جي شڪل اختيار ڪري وئي آهي.

”هوٽلون، بار ۽ ڊانس گهر،
سڀ مِلڻ جا اڏا ٿي ويا.“(50)

تمدن جي تناظر ۾ غزل کي ڏسجي تہ محسوس ٿيندو تہ تنهن جو فڪر کان وڌ احساس ۽ جذبي تي زور آهي. جديد غزل پنهنجو رشتو استحصال جو شڪار ٿيندڙ غريب طبقي سان جوڙيو آهي. غريب طبقو رزق جي ٻن ويلن جي تلاش ۾ شهر جو رُخ ڪندو آهي، ۽ پوءِ مشيني پُرزا بڻجي ويندو آهي. جديد غزل ۾ اهو ئي غريب طبقو پنهنجي هٿڻ

جو ادراڪ ڪرائي ٿو ۽ صنعتي ۽ مشيني دؤر جي هٿان استحصال ٿيندڙ غريب طبقي جي ڏکن ۽ معاشي هلاڪيءَ جي عڪاسي ڪئي آهي.

روزگار جي تلاش، دولت، ۽ مادي شين ۽ آسائشن کي حاصل ڪرڻ جي خواهش جي پورائيءَ لاءِ غزل ۾ بي گهري ۽ دربدريءَ جو احساس شدت سان اُڀريو آهي. صنعتي انقلاب انساني سوچ کي تبديل ڪيو آهي. مادي شين کان وٺي سماجي، معاشي ۽ اخلاقي قدرن ڏانهن انسان جو ذهني رويو ۽ ڏسڻ جي نظر تبديل ٿي آهي، ۽ صدين کان رائج فرسوده روايتن، ريتن، رسمن ۽ تصورن تي ڀرپور وار ڪيو ويو آهي. نئين غزل نئين دؤر ۾ انسان جي وجودي ۽ داخلي بحران جي عڪاسي نئين ذهني رويي ۽ نئين نظر سان ڪئي آهي.

شهري زندگيءَ يا جديد تمدني زندگي، مصنوعيت جو نالو آهي، ۽ فطرت کان دوري ۽ اُن جي قتل عام جو نالو آهي. جديد تمدني زندگيءَ انسان کان اُن جي معصوميت کسي ورتندي آهي.

جديد غزل ۾ فطرت سان ويجهو رهندڙ هڪ ڳوناٺي جي تجسس ۽ حيرت کي بيان ڪيو ويو آهي، ۽ شهري زندگيءَ جي فطرت کان دؤريءَ جو نوحو ڳايو ويو آهي .غزل ۾ ماڻهوءَ جو نہ هجڻ، ماڻهوءَ جي اندر جي معصوميت جي خاتمي ڏانهن اشارو آهي.

”آدمي، پنڇي، نہ ئي آڪاش هو،
ڳوٺ ۾ ڪنهن ڳالهہ ڪئي هئي شهر جي.“ (51)

شاعرن تاثر قائم ڪيو آهي تہ شهري زندگي يا جديد تمدني زندگي الڳ آهي، ۽ فطرت کان دوري آهي. اُها انسان کان هن جي معصوميت کسي ورتندي آهي. شاعرن شهري ترقي يا مادي ترقيءَ کي روحاني قدرن جي زوال جو جهڙوڪ قرار ڏنو آهي. مادي پرستيءَ ۾ ورتل انسان احساس کان محروم ٿي ويندو آهي. هن جي سوچ تي اخبار، ٽي وي، رسالا، سوشل ميڊيا، ڪتاب ۽ سياست اثرانداز ٿين ٿا. سوچ تي اها اثراندازي نئين دؤر جي انسان کان انفرادي احساس ۽ فيصلي ڪرڻ جي سگهہ ختم ڪري ڇڏي ٿي. منڊيءَ جي معيشت انسان کي منجهائي ڇڏيو آهي. شهري انسان کي مادي شين خريدڻ واري سوچ ميڊيا ڏيندي آهي، يعني هن جي پنهنجي سوچ تي ميڊيائي سوچ حاوي ٿي ويندي آهي. سرمائيدار منڊيءَ جي معيشت کي هٿي وٺرائڻ لاءِ ميڊيا جي معرفت اشتهارن کي هٿيار طور استعمال ڪندا آهن. اشتهارن جي ڦهليل ڄار ۾ شهري ماڻهو ڦاسي پئي ٿو. انساني قدرن جو مُلهہ ڪري پوي ٿو. جديد غزل 1980ع کان پوءِ زرعي سماج مان نڪري، نئين شهري ماحول ۾ داخل ٿيو ۽ اُن ۾ شهري موضوع ۽ ڪردار پيش ٿيڻ لڳا. جديد غزل صنعتي ۽ مشيني زندگيءَ جي خوبصوتيءَ ۽ بدصورتيءَ کي تخليقي انداز ۾ ورتايو آهي.

نئين غزل شهري مسئلن ۾ درد کي پوريءَ شدت ۾ گهرائيءَ سان بيان ڪيو آهي. ان ۾ شاعرن شهري زندگيءَ جي مسئلن کي ڪٽي آندو آهي.

سنڌ جون معروضي حالتون ٻيون ۽ هند جون معروضي حالتون ٻيون آهن. هند جي نئين غزل تي صنعتي ۽ مشيني تهذيب جا اثر واضح آهن, جڏهن تہ سنڌ جي جديد غزل ۾ صنعتي ۽ مشيني تهذيب جي اثرن بجاءِ سنڌ جي معروضي حالتن جو عڪس وڌيڪ نمايان ٿي بيٺو آهي. سنڌ جي جديد غزل ۾ شهري سماج جي الميـن جي پيشڪش سنڌ جي سماجي ۽ سياسي حالتن جو نتيجو آهي. غزل شهري زندگيءَ جي الميـن کي اظهاري, نئين دؤر جي حسيت کي سمايو آهي. جديد غزل تيز رفتاريءَ سان تبديل ٿيندڙ سماج سان گڏ تبديليءَ کي قبول ڪري, زرعي سماج مان نڪري, شهري سماج ۽ جديد صنعتي دؤر ۾ هم آهنگ ٿيو آهي. شهري سماج جن ذهني ۽ نفسياتي مونجهارن کي جنم ڏنو غزل ۾ تنهن جا ڪنهن قدر عڪس ۽ تاثر بہ ملن ٿا. جديد غزل ۾ جديد دؤر, نئين زندگي ۽ نئين دؤر جي حالتن جو احساساتي وچور سمايل آهي. نئون غزل سنڌ ۾ بہ پنهنجا پير جمائي رهيو آهي. هند ۾ ايم ڪمل نئين غزل کي ٻُلندي بخشي آهي, ايم ڪمل پنهنجي غزل کي وڏيءَ حد تائين شهري غزل بڻائي, اُن جي ماحول, مزاج ۽ پيشڪش کي تبديل ڪيو.

شهري اوسر ۽ صنعتي اوسر جي انساني احساسن, فڪري ارتقا ۽ خود آگاهي, اُن جي سوچڻ جي انداز, ذهني رويي, اُن جي پيڙائن ۽ شهري الميـن کي جديد غزل واضح ڪيو آهي.

## حوالا


1. موهي, واسديو ڳالهہ شاعريءَ جي,تائيمس پبليڪيشن,اُلهاسنگر,2007,ص:32
2. نانگراج, مصطفي, راهون پنڌ پيون,روشني پبليڪيشن,ڪنڊيارو2015, ص: 149
3. ساڳيو,ص: 207
4. ڪمل,ايم,باهہ جا وارث, ڪمل ڪتاب گهر,اُلهاسنگر,1986,ص: 29
5. موهي,واسديو,ڳاله شاعريءَ جي,تائيمس پبليڪيشن,اُلهاسنگر, 2007, ص: 75
6. پشپ, لعل, ايم ڪمل جو چونڊ ڪلام,ويٽا پبليڪيشن,اُلهاسنگر,2001, ص: 83
7. سميجو اسحاق, مور نگر تي مينهن,روشني پبليڪيشن,ڪنڊيارو2020,ص: 54
8. حسيني, امداد, هوا جي سامهون, روشني پبليڪيشن,ڪنڊيارو2000,ص: 111
9. واجد, سوريءَ مٿي سيڄ,سنڌي ادبي سنگت شاخ ٽنڊو غلام علي,1988,ص: 16
10. ساڳيو, ص: 17
11. سميجو اسحاق, گناهہ جا گيت,روشني پبليڪيشن,ڪنڊيارو2006,ص: 106
12. رند, اقبال, مون کي غزل ۾ رک, سپيتا پبليڪيشن,حيدراباد,2019,ص: 16

13. احمد، مُنير، ٻه شاعر ٻه ڪهاڻيڪار، سنڌي ادبي سنگت ٽنڊو ڄام، 1992، ص: 41
14. پشپ، لعل، ايم ڪمل جو چونڊ ڪلام، ويٽا پبليڪيشن، اُلهاسنگر، 2001، ص: 40
15. حاسد، ارجن، آزاديءَ کانپوءِ سنڌي غزل جي ائنٿالاجي، ساهتيه اڪادمي، دهلي، 2008، ص: 21
16. پشپ، لعل، ايم ڪمل جو چونڊ ڪلام، ويٽا پبليڪيشن، اُلهاسنگر، 2001، ص: 49
17. موهي، واسديو، ريل جي پٽڙي ميري، تخليق پبليڪيشن، احمد آباد، 2009، ص: 12
18. سميجو، اسحاق، گيڙو ويس غزل، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 2015، ص: 331
19. واجد، سوريءَ مٿي سيڻ، سنڌي ادبي سنگت شاخ ٽنڊو غلام علي، 1988، ص: 25
20. موهي، واسديو، ورهاڱي کان پوءِ سنڌي غزل جو هئنڊ بڪ، ساهيته اڪادمي، گجرات، 2008، ص: 123
21. ساڳيو، ص: 123
22. ناٿن شاهي، آٿم، شاعري، سپيتا پبليڪيشن، حيدراباد، 2018، ص: 92
23. سميجو، اسحاق، مور نگر تي مينهن، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 2020، ص: 82
24. واجد، سوريءَ مٿي سيڻ، سنڌي ادبي سنگت شاخ ٽنڊو غلام، 1988، ص: 34
25. عاجز، علي دوست، رتا روهيڙا، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 2017، ص: 25
26. آذر، اشفاق، عشق جڻ ڪو سگهڙ آهي، ڪنول پبليڪيشن، قنبر، 2019، ص: 207
27. سولنگي، حبدار، مُنڌ ٻوڙيو مهراڻ، سمبارا پبليڪيشن، حيدرآباد، 2019، ص: 26
28. ميمڻ، سعيد، نيڻ سفر ۾، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، 1998، ص: 81
29. ملڪ، مختيار، اُماس ۾ ٻه سوجهرو، پريت پبليڪيشن، خيرپور، 2002، ص: 32
30. مهراڻوي، بخشڻ، التجا، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 2011، ص: 35
31. ميمڻ، سعيد، نيڻ سفر ۾، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، 1998، ص: 96
32. جاني، اياز، دراوڙ دل جي تنهائي، نئون نياپو، ڪراچي، 2016، ص:185
33. آسوداڻي، ونود، پُڻ پُڻ، آميسٽ پرنٽرس، ڀوپال، 2005، ص: 89
34. سميجو، اسحاق، گيڙو ويس غزل، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 2015، ص: 270
35. ناٿن شاهي، آٿم، چا چيس آئيني، رم جهم پبليڪيشن، دادو، 2006، ص: 82
36. عاجز، علي دوست، رنگ رتو آڪاس، سارنگا پبليڪيشن، حيدرآباد، 2009، ص: 120
37. سومرو، ادل، وساري نه ڇڏجو، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 2004، ص:56
38. نانگراج، مصطفي، راهون پنڌ پيون، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 2015، ص: 235
39. سولنگي، احمد، خواب آوارا پکي، سنڌيڪا پبليڪيشن، ڪراچي، 2013، ص: 183
40. گل، اياز، ميلي جي تنهائي، پوئيٽ پبلشنگ هائوس، خيرپور، 2012، ص: 95
41. مولاڻي، کيمن يُو، ڌرتيءَ کان آڪاس تائين، لڪشمي پبليڪيشن، احمد آباد، 2010، ص: 20
42. شبير، جاويد، فنا سواءِ سڀ فنا، ڪنول پبليڪيشن، قنبر، 2014، ص: 101
43. جاني، اياز، دراوڙ دل جي تنهائي، نئون نياپو، ڪراچي، 2016، ص: 172

44. ڪمل ايم،روشن راهون ڏنڏلا ماڳ،ڪمل ڪتاب گهر، اُلهاسنگر،1981،ص: 49
45. موهي،واسديو، ڳالهه شاعريءَ جي،ٽائيمس پبليڪيشن،حيدرآباد،2007،ص: 16
46. گل،اياز،ميلي جي تنهائي،پوپٽ پبلشنگ هائوس،خيرپور،2012،ص: 86
47. ڪمل، گوپ، پن ڇڇڻ جو آواز،تخليق پبليڪيشن، احمد آباد،2013،ص: 88
48. موهي، واسديو، ريل جي پٽڙي ميري،تخليق پبليڪيشن،احمد آباد،2009،ص: 12
49. آسوداڻي،ونود،پُڙ پُڙ ، آفيسٽ پرنٽرس،ڀوپال،2005،ص: 59
50. ڪمل، گوپ، سچ اڳيان ٻڪ،تخليق پبليڪيشن،احمد آباد، 2011،ص: 121
51. سولنگي، حبدار، مُنڌ ٻوڙيو مهراڻ،سمبارا پبليڪيشن،حيدرآباد،2019،ص: 26